19 نومبر 2026ع (بمطابق: 08 جمادي الاخري 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

اِنتقامي ڪارِروائيون ۽ آسان

(ڪيني ۽ بغض ڪان بچڻ، معاف ڪرڻ ۽ درگذر ڪان ڪم وٺڻ جي فضيلتن جو بيان)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... پُٽَ جي قاتل کي معاف ڪري ڇڏيائون
- ... انتقامي ڪاروائن بابت آياتِ ڪريم
- ... انتقام نه وٺڻ سنت آهي
- ... معاف ڪرڻ جي فضيلتن متعلق حديثون

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

بنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بحر و بَر صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وسلَّم جو فرمان آهي:

اَكْثِرُوْا الصَّلَاةَ عَلَيَّ، فَاِنَّ صَلَاتَكُمْ عَلَيَّ زَكَاةٌ لَّكُمْ

ترجمو: منهنجي مٿان درود پاڪ جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ پاڪائي آهي.[1]

ڪثرت سے دُرود اُن پہ پڑھو ربّ نے جو چاہا
سینے میں اُتر آئیں گے اَنوارِ مدینہ

اللہ مجھے بخش، نہ ہو حَشر میں پُرسش
کر لُطف و کرم اَز پئے سرکارِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...مسند ابی یعلی، مسند ابی ہریرہ، جلد:5، صفحہ:62، حدیث:6407۔

بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو ته ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادَب ويهندس ◈ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

گارين جو بلڪل ب جواب نہ ڏنائون

حضرت اَحنف بن قَيس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تابعي بزرگ آهن،يعني اُهي خوشنصيب هستي آهن، جن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عنهم جي صحبت جو فيض حاصل ڪيو آهي. هڪ پيري پاڻ ڪٽان گذري رهيا هئا ته ڪنهن شخص کين گار ڏني.

اسان وٽ ته هڪ گار جي جواب ۾ جيسيتائين ڏهه گاريون نہ ڏنيون وڃن، تيسيتائين ماڻهن کي سکون ئي نہ ملندو آهي، پر هي تابعي بزرگ هئا، نيڪ شخص هئا، ڪنهن گار ڏني پاڻ ان ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏنائون ۽ پنهنجي راهه هلندا رهيا. گار ڏيڻ وارو شخص ب سندن پٺيان پٺيان هلڻ لڳو، پاڻ اڳيان اڳيان هلي رهيا هئا ۽ هُو گاريون ڏيندو سندن پٺيان پٺيان هلي رهيو هو، پاڻ سندس گاريون ٻڌندا رهيا ۽ خاموشيءَ سان هلندا رهيا. جڏهن پنهنجي قبيلي جي ويجهو پهتا ته رڪجي ويا ۽ ان شخص ڏانهن منهن ڪري فرمايائون: جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ اجان ڪجهه باقي آهي ته هتي ئي چئي ڇڏ، چو ته منهنجي قبيلي وارا جيڪڏهن تنهنجون ڳالهيون ٻڌندا ته انديشو

1... بخاري، كتَاب بَدءُ الْوَحي، صفحه:65، حديث:1۔

آهي تہ ڪٽي هُو توکي ڪا تڪليف نہ پهچائن. [1] (تنهنڪري جيتريون بہ گاريون ڏيڻ چاهين ٿو، هتي ئي ڏئي ڇڏ، مان ٻڌي رهيو آهيان). سندن اِها ڳالهہ ٻڌي اُهو شخص شرم ۾ ٻُڏِي ويو ۽ واپس هليو ويو.

بهرحال، جيڪڏهن اسان جي اڃوڪي ماحول جي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ هِي بہ وڏي ڪمال جو حِلم آهي. حضرت اَحنف رَحمۃُاللہِعَلَيْہ جنهن برداشت جو مظاهرو ڪيو، جيڪڏهن ان جو ڏهہ سيڪڙو بہ اسان کي نصيب ٿي وڃي تہ اسان جي معاشري ۾ امن قائم ٿي سگهي ٿو، گهرن جو ماحول سڪون وارو ٿي سگهي ٿو ۽ دلين ۾ محبتون وڌي سگهن ٿيون، پر جيڪا حيرانيءَ جي ڳالهہ آهي اُها اجان اڪثر آهي. اڃو تہ ٻڌون!

پٽ جي قاتل کي معاف ڪري ڇڏيائون

هي حضرت اَحنف بن قَيس رَحمۃُاللہِعَلَيْہ، جن جو پنهنجو حِلم ايترو اعليٰ هو، ڪنهن کانئن پڇيو تہ اوهان اِهو حِلم (بُردِباري) ڪٿان سکيو؟ ايتري برداشت اوهان ۾ ڪيئن پيدا ٿي؟ فرمايائون: اِهو صحابيءِ رسول حضرت قَيس بن عاصِم رَضِیَاللہُعنہ جي صحبت جو اثر آهي. پاڻ نهايت ئي بردبار هئا. هڪ ڀيري مون کين ڏٺو تہ پاڻ پنهنجي گهر جي ٻاهران تشريف فرما هئا، ماڻهو سندن چوڌاري موجود هئا ۽ پاڻ انهن سان گفتگو ڪري رهيا هئا. اوچتو ڪجهہ ماڻهو وٽن آيا، انهن وٽ هڪ نوجوان جو لاش هو(يعني هڪ ميت کي کلهن تي کڻي آيا هئا). انهن سان گڏ هڪ ٻيو نوجوان بہ هو، جنهن جا هٿ ٻڌل هئا. هاڻي سندن برداشت جو عالَم ڏسو حضرت قَيس بن عاصِم رَضِیَاللہُعنہ صحابيءِ رسول آهن. ماڻهن عرض ڪيو: سائين! هي جيڪو لاش اسان کڻي آيا آهيون، اِهو ڪنهن ٻئي جو نہ، پر اوهان جي پُٹ جو آهي ۽ هي شخص، جنهن جا هٿ ٻڌل آهن، اوهان جو پائٽيو آهي. توهان جي هِن پائٽيي توهان جي جوان پٽ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي.

1...احياء العلوم،كتاب رياضة النفس،بيان علامات حسن الخلق،جلد:3،صفحہ:91 بتغير قليل۔

حضرت اَحنف رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن حضرت قَيس بن عاصِم رَضِیَاللهُعنه اِها ڳالهه ٻڌي ته سندن حِلم (بردباري) ۽ قوتِ برداشت جو ڪمال ڏسو، جو پاڻ پنهنجي جاءِ تان به نه اٿيا ۽ جيڪا ڳالهه ماڻهن سان ڪري رهيا هئا (ظاهر آهي ته صحابيءِ رسول آهن، ضرور ڪا حديث پاڪ ٻڌائي رهيا هوندا يا ڪو ديني مسئلو سمجهائي رهيا هوندا) اُها اَڈ ۾ به نه ڇڏيائون، بلڪ ان کي مڪمل ڪيائون. پوءِ پنهنجي ٻئي پٽ ڏانهن منهن ڪري فرمايائون: پنهنجي پاءُ جي ڪفن ۽ دفن جي تياري ڪر! پوءِ پنهنجي پائٽيي ڏانهن منهن ڪري فرمايائون (اُهو پائٽيو جنهن سندن پٽ کي قتل ڪيو هو): اي پائٽيا! توکان تمام وڏو گناهه ٿي ويو آهي، (ان کان توبهه ڪر!) ۽ ها (مون ته توکي معاف ڪري ڇڏيو، پر) مرڻ واري جي ماءُ کي دِيت ادا ڪري ڪيس راضي ڪري وٺ....!! حضرت اَحنف رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: هن واقعي مون کي حِلم (بردباري) سيکاريو آهي. (1)

اللهُ اکبر...!! پيارا اسلامي پائرو! قوتِ برداشت تي غور ڪريو! ڪيڏي نه وڏي برداشت آهي...!! سڳي پُٽ کي سندن سڳي پائٽيي قتل ڪري ڇڏيو آهي. اسان وٽ جيڪڏهن اهڙو ڪو معاملو ٿي پوي ته نسلن تائين دشمنيون هلنديون رهنديون آهن ۽ گِيسِيُون ڪرايون ويندیون آهن.

هي هڪ محاورو آهي جيڪو اسان وٽِ عام طور ڳالهايو ويندو آهي: گِيسِيُون ڪَرائڻ، يعني سامهون واري کي انتهائي ذليل ۽ رسوا ڪرڻ ۽ ڪيس گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏڻ. اسان وٽ ائين ٿيندو آهي ايسيتائين جو ڏيئرن جا رشتا به ڏيڻا پئجي ويندا آهن، پوءِ ان ڏيءُ کي سڄي زندگي طعنا ٻڌڻا پوندا آهن ۽ اهڙا قسم جا ٻيا به ڪيترائي معاملا ٿيندا آهن، جيڪي بيان نه ٿا ڪري سگهجن.

1...الاستيعاب، رقم:2164، قيس بن عاصم بن الحارث، جلد:3، صفحه:354 مفصلاً۔

ناحق قتل ڪبيره گناهه آهي

هيءَ سچي ڳالهه آهي ته ناحق قتل انتهائي سخت گناهه آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

مَنْ قَتَلَ نَفْسًۢا بِغَيْرِ نَفْسٍ اَوْ فَسَادٍ فِي الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ

(سپارو: 6، سورة المائدة: 32)

ترجموڪنزالعرفان: جنهن ڪنهن جان جي بدلي يا زمين ۾ فساد ڦهلائڻ جي بدلي ڪانسواءِ ڪنهن شخص کي قتل ڪيو ته ڄڻ ان سڀني انسانن کي قتل ڪري ڇڏيو.

حديث پاڪ ۾ آهي: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمايو:

لَوْاَنَّ اَهْلَ السَّمَاءِ وَاَهْلَ الْاَرْضِ اِشْتَرَكُوافِيْ دَمِ مُؤْمِنٍ لَاَكَبَّهُمُ اللهُ فِي النَّارِ

ترجمو: جيڪڏهن زمين ۽ آسمان وارا سڀ گڏجي هڪ مؤمن کي قتل ڪري ڇڏين ته الله پاڪ انهن سڀني کي مُنهَن ڀَر جهنم ۾ اڇلائي ڇڏيندو.[1]

اللهُ اكبر! اِها هڪ مؤمن بانهي جي اهميت آهي. جيڪڏهن زمين ۽ آسمان وارا سڀ گڏجي ڪنهن هڪ شخص کي ناحق قتل ڪري ڇڏين ته ان هڪ جي بدلي ۾ زمين ۽ آسمان وارن سڀني کي سزا ڏني ويندي.

مطلب ته ناحق قتل واقعي انتهائي سخت جرم آهي، پر مان جيڪا ڳالهه عرض ڪرڻ چاهيان ٿو، اُها صحابيءِ رسول جو مبارڪ عمل آهي ته ڏسو! حضرت قَيس رَضِیَ اللهُ عنه جو جوان پٽ قتل ٿي ويو، پر سندن برداشت جو عالم ڏسو ته پاڻ نه ڪا واويلا ڪيائون، نه ڪو گوڙ ۽ فساد ڪيائون، اجان قاتل

1...ترمذی، کتاب الدیات، باب الحکم فی الدماء، صفحہ:359، حدیث:1398۔

ڪائنڪ معافي ڳهري ئي نه هئي ته پاڻ ان کان اڳ ئي فرمايائون: پٽ! مون توکي معاف ڪري ڇڏيو.

ان معافيءَ سان گڏوگڏ پاڻ شريعت تي به سختيءَ سان عمل ڪري رهيا آهن، فرمايائون: پٽ! هِن جي ماءُ کي دِيت يعني خون جو بدلو به ادا ڪري ڇڏ. سُبْحٰنَ اللہ! هي آهي حِلم ۽ برداشت.

۽ مان اوهان کي هڪ دلچسپ ڳالهه ٻڌايان ته اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللہُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم جي تشريف آوريءَ کان اڳ اِهي ئي عرب جا ماڻهو هئا، جيڪي ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي جنگيون ڪندا هئا.

جنگِ بَسُوس جو سبب

ڪتابن ۾ لکيل آهي: ڪُلَيب نالي هڪ شخص هو، جيڪو هاري هو ۽ ڪيس هڪ بَنِي هئي. هڪ پيري سندس پاڙيسريءَ جي ڏاڇي اُن جي بَنيءَ ۾ اچي وئي. ڪُلَيب اُن ڏاڇيءَ کي تير هنيو ۽ اها ڏاڇي مري وئي. ڏاڇيءَ جي مالڪ بدلو ونڻ لاءِ ڪُلَيب کي قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ اها انتقامي ڪارروائي ايتري ته وڌي وئي جو بنهي قبيلن جي وچ ۾ 40 سالن تائين جنگ جاري رهي.[1]

اللہ اکبر! اندازو لڳايو ته اِها آهي انتقامي ڪارروائي...!! هڪ ڏاڇيءَ جي انتقام ۾ شروع ٿيڻ واري جنگ 40 سال جاري رهي. نسلن جا نسل ان انتقام جي باهه ۾ سڙندا رهيا، بيشمار جانيون ضايع ٿيون، پر انتقام جو سلسلو ختم نه ٿيو.

اِها مان اوهان کي عرب جي تاريخ ٻڌائي رهيو آهيان. جاهليت جي زماني ۾ ماڻهو اهڙي قسم جا هئا، پر قربان وڃان! انهن ئي عربن جي وچ ۾ جڏهن

[1] الکامل فی التاریخ، ذکر ایام العرب فی الجاہلیۃ، ذکر مقتل کلیب...الخ، جلد:1، صفحہ:474تا484 خلاصۃً۔

ٻنهي جهانن جا سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم رحمتِ عالم بڌجي جلوه افروز ٿيا تہ کين اهڙو تہ باڪمال ۽ بيمثال بڌائي ڇڏيائون، جو جڏهن حضرت قَيس رَضِیَ اللّٰهُ عنه جو اُٽ نہ، پر سندن سڳو پٽ قتل ٿي ويو، تہ پاڻ ڪُلِيءَ دل سان قاتل کي معاف ڪري ڇڏيائون.

بدخُلق جو تھے وہ نیک ہوئے، لڑتے تھے ہمیشہ وہ ایک ہوئے
جھگڑے تُو نے آکر مِیٹ دیئے، تیری فَہم وذکا کا کیا کہنا!

وضاحت: اي پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي جيڪي بد اخلاق هئا، تن کي اوهان نيڪ بڌائي ڇڏيو، اهي جيڪي هميشہ پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا، تن کي اوهان پيار ۽ محبت سان رهڻ سيکاري ڇڏيو، ۽ اوهان جي صدقي سڀ جهيڑا ۽ فساد ختم ٿي ويا. سُبْحٰنَ اللّٰه! اهڙن ماڻهن کي اوهان باڪمال ۽ بي مثال بڌائي ڇڏيو...! اوهان جي لاجواب حڪمت ۽ تدبير جو ڪهڙو بيان ڪجي!!..

آسان ۽ انتقامي ڪارروايون

پيارا اسلامي پائرو! افسوس! تمام افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اڄ آسان اسلامي تعليمات کان تمام گهٽو پري ٿيندا پيا وڃون. رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تہ آسان کي معاف ڪرڻ سيکاريو هو، خيرخواهي ڪرڻ سيکاري هئي، پر هاڻي آسان جو معاشرو انتقامي ڪارروائين ۽ انتقامي جذبن جي وَر چڙهندو پيو وڃي. هڪ اُهو زمانو هو جو تمام وڏي نقصان تي بہ ڪا انتقامي ڪارروائي نہ ڪئي ويندي هئي ۽ هاڻي آسان جا حالات اهڙا ٿي ويا آهن جو ننڍين ننڍين ڳالهين تي انتهائي سخت انتقامي ڪارروايون ڪيون وڃن ٿيون. افسوس جي ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ آسان جي معاشري جو ڪو بہ شعبو بدلي جي باهہ کان محفوظ نہ آهي.

گهر ۽ انتقامي ڪارروايون: گهرن ۾ ڏسو! ◈ زال ۽ مڙس جن کي هڪ ٻئي جو لباس قرار ڏنو ويو آهي، جيڪڏهن مڙس کنهن ڳالهہ تي زال کان

ناراض ٿي ويندو آهي تہ بدلي ۾ پنهنجي زال کي تنگ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي ◈ سندس خرچ پاڻي بند ڪري ڇڏيندو آهي ◈ ڪي نادان تہ انتقام ونڊ خاطر پنهنجي ئي عزت کي عدالتن تائين ڳهلي ايندا آهن ◈ اهڙي طرح زال کي ڏسو! جيڪڏهن زال کي ڪنهن ڳالهہ تي ڪاوڙ اچي وڃي تہ اها مڙس کان انتقام ونڊ لڳندي آهي ◈ سندس خدمت کان منهن موڙي ڇڏيندي آهي ◈ گهر جي ڪمن ۽ ضرورتن ۾ ڄاڻي واڻي ڪوتاهي ڪندي آهي ◈ پنهنجن پيڪن ۾ مڙس جون شڪايتون ڪندي آهي ◈ ڪجهہ نادان عورتون تہ مڙس کي جيل ۽ عدالتن جا چڪر بہ لڳرائيندڙيون آهن ◈ انتقام ونڊ لاءِ ٻارن کي بہ استعمال ڪيو ويندو آهي ◈ مثال طور: جيڪڏهن زال ناراض آهي تہ ٻارن کي پيءُ کان پري ڪري ڇڏيندي آهي ۽ جيڪڏهن مڙس ناراض هوندو آهي تہ اهو ٻارن کي ماءُ کان پري ڪري ڇڏيندو آهي ◈ سَسُ انتقام طور نُنهُن کي مِهٽا ڏيندي آهي ◈ ڪيس طعنا ٿُنڪا ڏيندي رهندي آهي ◈ نُنهُن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندي آهي ◈ اهڙي طرح جيڪڏهن نُنهُن صاحبہ کي موقعو ملي وڃي تہ اها بہ ڪا ڪَسَر نہ ڇڏيندي آهي.

◈ گهرن ۾ پائرن جا پاڻ ۾ جهيڙا ٿيندا آهن ◈ بدلي ۾ ڪين وراثت کان محروم ڪيو ويندو آهي ◈ ڪاروباري معاملن ۾ ٻين کي نقصان پهچايو ويندو آهي ◈ پائر، پائرن سان حسد ڪندا آهن ◈ ۽ انتهائي خطرناڪ ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪجهہ علائقن ۾ پائرن، چاچن، مامَن ۽ ويجهن عزيزن ۽ رشتيدارن کي شريڪ چيو ويندو آهي، يعني انهن کي دشمن سمجهيو ويندو آهي.

رشتيدان ۽ خاندان ۾ انتقامي ڪارروايون: ◈اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو عزيز پنهنجي خوشيءَ ۾ نہ سَڏائي تہ انتقام طور ان کي بہ پنهنجي خوشيءَ ۾ شامل نہ ڪيو ويندو آهي ◈ شادي وغيره جي موقعن تي مِٺ مائٺ

ڪاوڙجي ويهي رهندا آهن ◈ زبردستي معافيون ونرايون ويندیون آهن ◈ پَٽڪا لهرائي پيرن ۾ رکرايا ويندا آهن ◈ ڏاڏي ۽ سندس پاءُ جي وچ ۾ ڪڏهن ڪو جهيڙو ٿيو هو ته ان جهيڙي جو اثر پوٽن تائين هلندو ايندو آهي. ايندڙ نسل ٿوري ٿوري ڳالهه تي هڪ ٻئي کي ذليل ۽ رسوا ڪندا رهندا آهن. باقاعدي ايندڙ نسلن کي سمجهايو ويندو آهي ۽ سندن ذهنن ۾ اِها ڳالهه وِڌي ويندي آهي ته پٽ! فلاڻي سان اسان جي دشمني آهي ◈ اسان جو نَڪُ نه ڪَٽرائجان (يعني عزت کي داغ نه لڳائجان) اسان وٽ عام استعمال ٿيندڙ محاورو آهي، جيڪو خاص طور تي خانداني معاملن جي حوالي سان استعمال ڪيو ويندو آهي ◈ ماڻهو رشتيدارن کان ڊڄندا آهن. مثال طور: گهر ۾ ڪو فنڪشن (***Function***) هوندو آهي ته ماڻهو ان ڳالهه کان خوف کائي رهيا هوندا آهن ته فلاڻا فلاڻا مائٽ به ايندا، جيڪڏهن ڪا گهٽتائي رهجي وئي ته انهن جون ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون.

پاڙو ۽ انتقامي ڪارروايون: ◈ پاڙيسرين جون ڳالهيون ياد رکيون ويندیون آهن ◈ هن گوڙ ڪيو هو، اسان به گوڙ ڪري کيس تنگ ڪنداسين ◈ هن منهنجي گهر جي اڳيان گاڏي بيهاري هئي، مان به سندس گهر جي اڳيان گاڏي بيهارينديس ◈ هن رستو بند ڪيو هو، مان به سندس رستو بند ڪنديس ◈ هو اسان جي ڏک ۾ شريڪ نه ٿيو هو، اسان به سندس ڏک ۾ شريڪ نه ٿينداسين ◈ ايتري قدر جو جنازن جو به حساب رکيو ويندو آهي ته فلاڻو منهنجي والد جي جنازي ۾ نه آيو هو، مان به سندس والد جي جنازي ۾ نه ويندس.

اهڙي طرح دوستن جي وچ ۾ به انتقامي ڪارروايون ٿيندیون آهن ◈ جيستائين دوستي آهي تيستائين ته نيڪ آهي، پر جيئن ئي انهن ۾ ڪو اختلاف پيدا ٿيندو آهي ته پوءِ انتقامي طور هڪ ٻئي جا اهڙا ته پول پٽرا ڪيا ويندا آهن ۽ اهڙيون اهڙيون غيبتون ڪيون ويندیون آهن، جو اَلْاَمَانُ

وَالْحَفِيْظ...!! اهڙي طرح ٻيا مثال ب ڏسندا وجو! ◈ ادارن ۾ ب انتقامي كارروايون ٿيندیون آهن ◈ سيٺ نوكر تي وڌيڪ بار ركندو آهي ت نوكر سيٺ جو كم بگاڙي كانئس انتقام وٺندو آهي ◈ ماتحت پنهنجي نگران جي خلاف سازشون كندو آهي ت نگران ماتحت كي ذليل ۽ رسوا كندو آهي ◈ استاد شاگرد كي پريل كلاس ۾ دڙكا ڏيندو آهي، امتحان ۾ ناپاس كري ڇڏيندو آهي ۽ شاگرد وري استاد جو نقل كري، ان جو بُرايون كري، پرنسپال وغيره وٽ كوڙيون شكايتون لڳائي پنهنجي بدلي جي باھ كي ٽڏو كندو آهي ◈ هاڻي ت ٽيكنالاجي (*Technology*) جو دور آهي، ماڻهو انتقام وٺڻ لاءِ سوشل ميڊيا (*Social Media*) جو سهارو ب وٺندا آهن ◈ انتقام طور وڊيوز ناهي اپلوڊ (*Upload*) كيون ويندیون آهن ◈ فوٽو ايڊيٽنگ (*Photo Editing*) ذريعي غلط ۽ بي بنياد تصويرون ناهي اپلوڊ كيون ويندیون آهن ◈ سوشل ميڊيا تي ماڻهن جون عزتون نيلام كيون ويندیون آهن ۽ نہ ڄاڻ كهڙا كهڙا گندا ۽ غليظ كم كيا ويندا آهن.

وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه هيءَ آهي ت ماڻهو انتقام وٺڻ كي پنهنجو حق سمجهندا آهن ۽ انتقام كي پنهنجي اَنَا جي تسكين جو ذريعو بڻايو ويندو آهي ◈ پر هاڻ ت ماڻهو هينئن چوندا آهن ت اسان سِرَ جو جواب پٿر سان ڏيندا سين. يعني جيكو اسان سان برائي كندو، اسان ان سان ان كان ب وڌيڪ برائي كنداسين، جيكو اسان كي هك اك ڏيكاريندو، اسان ان كي ٻئي اكيون ڏيكاريندا سين. مطلب ت انتقامي كارروائين جو جنون ايترو ت وڌي ويو آهي جو هاڻي اسان وٽ معافي نالي جي كا شيءِ باقي نہ رهي آهي، فقط بدلو، بدلو ۽ بدلو ئي رهجي ويو آهي.

انتقامي كارروائين بابت آياتِ كريمه

هيءَ ڳالهه ذهن نشين ركو ت اسلام اسان كي بدلو وٺڻ كان منع نہ فرمايو آهي، ها! ان جون حدون ضرور مقرر فرمايون آهن. ائين هرگز نہ آهي ت

ڪنهن اسان کي تڪليف پهچائي آهي تہ اسان جذبات ۾ اچي جيڪو وٹي سو ڪندا رهون. بلڪل بہ نہ....!! جيڪڏهن انتقام ونڻو ئي آهي تہ ان جون بہ حدون مقرر آهن ۽ جيڪڏهن معاف ڪري ڇڏيون تہ ان جي تہ ڳالهہ ئي جدا آهي! اچو تہ ان سلسلي ۾ ڪجهہ آياتِ ڪريمہ ٻڌون ٿا: اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

فَمَنِ اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ-وَاتَّقُوا اللّٰهَ

(سپارو: 2، سورة البقرة: 194)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جيڪو توهان تي زيادتي ڪري ان تي ايتري ئي زيادتي ڪريو جيتري ان توهان تي زيادتي ڪئي هجي ۽ اللہ کان ڊڄندا رهو.

ڏسو! جيڪي ماڻهو چوندا آهن تہ اسان سِرَ جو جواب پٿر سان ڏيندا سين، اُهي هن آيتِ ڪريمہ تي غور فرمائن تہ ڇا فرمايو ويو آهي؟ جيڪو توهان تي زيادتي ڪري، توهان (جيڪڏهن بدلو ونڻ چاهيو ٿا تہ) ان کان ايترو ئي بدلو ونو، جيتري هن توهان سان زيادتي ڪئي آهي. ان کان وڌيڪ بدلو نہ ونو.

علماءِ ڪرام مسئلو بيان فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن ڪنهن چمات هنئي آهي تہ ان جي بدلي ۾ چمات نہ ٿا هڻي سگهو، چو تہ سامهون واري شخص جيتري طاقت سان چمات هنئي آهي، بلڪل توري تڪي اوتري ئي طاقت سان چمات هڻڻ ممڪن نہ آهي، تنهنڪري چمات جو بدلو چمات نہ ٿيندو، بلڪ قاضي صاحب قانون جي مطابق ان کي ڪا بي سزا ڏيندو.[1]

توهان اندازو لڳايو تہ جيڪڏهن بدلو ونڻو ئي آهي تہ ايتري احتياط سان ونڻو آهي، جو اوهان جي طرفان ذري برابر بہ زيادتي نہ ٿيڻ گهرجي. آخر ايتري حساب سان ڪير بدلو ونندو آهي؟ ◈ اڇڪلهہ تہ هڪ جي بدلي ۾ چار ٻڌايون ويندیون آهن، سِرَ جو جواب پٿر سان ڏنو ويندو آهي ◈

[1]

سامهون واري شخص صرف اکيون ڏيکاريون هيون، هي صاحب چماٽ هڻي ڇڏيندا آهن ◈ سامهون واري صرف هلڪو هٿ لڳايو هو، هي صاحب مُڪُن ۽ چماٽن جو مينهن وسائي ڇڏيندا آهن ◈ سامهون واري هڪ پيرو غلطي ڪئي هئي، هڪ پيرو تڪليف پهچائي هئي، پر هي صاحب انهن کي بار بار ذليل ڪندا آهن، گالهه گالهه تي کيس تڪليف پهچائيندا آهن◈ پر هاڻي ته ماڻهو ايترا جذباتي ٿي ويا آهن جو معاشري ۾ گهُمندي ڦرندي به ڊپ محسوس ٿيندو آهي، اهڙا ڪيسَ (*Cases*) به رڪارڊ تي موجود آهن، جو ڪنهن کان غلطيءَ سان ڌڪو لڳي ويو ته ان صاحب پستول ڪڍي ورتو ۽ ڏڙا ڏڙ فائرنگ شروع ڪري ڏني. هِي اسان جي معاشري جا حالات آهن. توهان قرآن ڪريم جي تعليم ڏسو! اسان کي سيکاريو ويو: جيڪڏهن بدلو ونڊو ئي آهي ته توري تکي ونڊو پوندو. جيتري تڪليف سامهون واري پهچائي آهي، توهان به بلڪل ايتري ئي تڪليف پهچائي سگهو ٿا.

معاف ڪرڻ بهتر آهي

هڪ مقام تي الله پاڪ فرمايو:

وَاِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَا عُوْقِبْتُمْ بِهٖ ؕ وَلَئِنْ صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ

(پارو: 14، سورة نحل: 126)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن توهان (ڪنهن کي) سزا ڏيڻ لڳو ته اهڙي ئي سزا ڏيو جهڙي توهان کي تڪليف پهچائي وئي هجي ۽ جيڪڏهن توهان صبر ڪيو ته بيشڪ صبر وارن لاءِ صبر سڀ کان سٺو آهي.

هن آيت ۾ به گالهيون ارشاد ٿيون آهن: (1) بهترين گالهه ته اها آهي ته جيڪڏهن ڪو اوهان کي تڪليف پهچائي ته اوهان صبر ڪريو، بدلو ونڊ جي گالهه ئي نه ڪريو! اِها بهترين گالهه آهي. (2) جيڪڏهن بدلو ونڊو ئي آهي ته ان ۾ شرط هي آهي ته سامهون واري جيتري تڪليف پهچائي آهي،

اوهان بہ توري تڪي ڪيس ايتري ئي تڪليف پهچايو! ان کان وڌيڪ تڪليف نہ ٿا پهچائي سگهو.

پيارا اسلامي پائرو! ڏسو تہ ڪيتري نہ پياري تعليم آهي. بنهي پاسن کي برابر رکيو ويو آهي◈ ائين بہ ناهي تہ ظلم ڪرڻ وارا آزاديءَ سان گهمندا وتن ۾ جنهن کي وڻي تڪليف پهچائيندا رهن. انهن جي روڪٽام لاءِ قانون بيان فرمايو ويو تہ جيڪو ظلم ڪندو ۾ زيادتي ڪندو، ان کي سندس ظلم جي برابر سزا ڏني ويندي. (پر ياد رکو! اها سزا اسان پاڻ نہ ٿا ڏئي سگهون، بلڪ مقرر ڪيل قاضي سزا ٻڌائيندو ۾ انتظاميہ ان سزا تي عمل ڪرائيندي.)

◈ ٻئي طرف اعليٰ اخلاقي تعليم بہ ڏني وئي آهي تہ جيتوٽيڪ بدلو ونڻ اوهان جو حق آهي، پر جيڪڏهن اوهان وڏيءَ دل جو مظاهرو ڪري معاف ڪري ڇڏيو تہ اِهو اوهان جي حق ۾ وڌيڪ بهتر آهي.

مُعاف ڪرڻ ۾ ئي پلائي آهي

پيارا اسلامي پائرو! واقعي ڳالهہ سمجهڻ جي آهي. اسان جيڪي عام انسان آهيون، اسان ڪڏهن ڪڏهن جذباتي بہ ٿي ويندا آهيون تہ ان وقت جذبات ۾ پاڻ تي ضابطو نہ رکي سگهندا آهيون، اهڙي وقت جيڪڏهن بدلو ونڻ تي اچون تہ ان ڳالهہ جو تمام گهٽو امڪان آهي تہ سامهون واري سان ڪيترن ئي قسمن جون زيادتيون ڪري ويهون، ان ۾ سخت خطرو آهي. مثال طور: سامهون واري اسان کي ڪا هڪ خراب ڳالهہ چئي، اسان بدلي ۾ ڪيس چار ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيون تہ جيڪي ٿي وڌيڪ ڳالهيون ٻڌايون، انهن جو بار اسان جي مٿان اچي ويندو، اهڙي طرح اسان، جيڪي اڳ ۾ مظلوم هئاسين، هاڻي ظالم بڻجي ويناسين. تنهنڪري پلائيءَ جو رستو اهو ئي آهي تہ معاف ڪري ڇڏيون ۾ جنت جو حقدار بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا رهون.

انتقام نہ وٺڻ سنت آهي

اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم جي مبارڪ سنت ۾ اها ئي آهي ته پاڻ صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم ڪڏهن به پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن کان انتقام نہ ونڊيو هئا. مسلمانن جي پياري اَمّي جان حضرت عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رَضِیَ اللهُ عنها فرمائن ٿيون:

مَا انْتَقَمَ رَسُولُ اللهِ صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم لِنَفْسِهٖ، اِلَّا اَنْ تُنْتَهَكَ حُرْمَةُ اللهِ فَيَنْتَقِمَ لِلّٰهِ بِهَا

ترجمو: رسول الله صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم ڪڏهن به پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن کان انتقام نہ ورتو، ها! جڏهن الله پاڪ جي مقرر ڪيل حدن کي ٽوڙيو ويندو هو ته پاڻ (شرعي اصولن مطابق) سزا ڏيندا هئا[1].

هڪ ٻئي هنڌ فرمايائون: پيارا آقا صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم نہ ته فحش ڳالهيون ڪرڻ وارا هئا، نہ لعنت ملامت ڪرڻ وارا هئا، نہ بازارن ۾ گوڙ ۽ فساد مچائڻ وارا هئا ۽ نہ ئي برائيءَ جو بدلو برائيءَ سان ڏيڻ وارا هئا، بلڪ هُو ته معاف ڪرڻ وارا ۽ درگذر ڪرڻ وارا هئا. (2)

ڏيءُ کي تڪليف ڏيڻ واري کي معاف ڪري ڇڏيائون

روايتن ۾ آهي ته: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم جي وڏي شهزادي حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عنها جڏهن مڪي پاڪ مان هجرت ڪري مدينو منوره تشريف کڻي اچي رهيون هيون ته رستي ۾ هَبَّار بن اَسوَد نالي هڪ شخص کين نيزو هنيو، جنهن سبب سندن حمل ضايع ٿي ويو. (3)

اوهان ڏسو! هيءَ ڪيڏي نہ وڏي تڪليف آهي! هَبَّار بن اَسوَد محبوب صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم جي نياڻيءَ کي سخت تڪليف پهچائي هئي. پر محبوب صلَّى اللهُ

---

[1] بخاری، کتاب المناقب، باب صفة النبی صلّی اللہُ علیہ وَ آلہٖ وَسلّم، صفحہ:907، حدیث:3560۔

2... ترمذی،کتاب،البر والصلة،باب ما جاء فی خلق النبی صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم، صفحہ:488، حدیث:2016 ملخصاً۔

3... السیرة النبویہ لابن ہشام،خروج زینب الی المدینة،جلد:1،صفحہ:238۔

عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم هَبَّار بن اَسوَد سان ڪهڙو سلوڪ فرمايو؟ ٻڌو! **حضرت جُبَير بن مُطعِم** رَضِیَ اللّٰہُ عنہ **فرمائن ٿا** ته جِعرَانه ڪان واپسيءَ تي مان سيدِ عالم، نورِ مجسم صلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم جي خدمت ۾ وينو هئس ته اوچتو دروازي مان هَبَار بن اَسوَد اندر داخل ٿيو. صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنہم عرض ڪيو: يا رسولَ الله صلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم! هي هَبَار بن اَسوَد آهي. پاڻ فرمايائون: مون ڪيس ڏسي ورتو آهي. هڪ شخص ان کي مارڻ لاءِ اٿيو ته پاڻ صلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم ان کي اشارو فرمايو ته ويهي رهه. هَبَار ويجهو اچي عرض ڪيو: **اي الله جا نبي! اوهان تي سلام هجي، مان شاهدي ڏيان ٿو ته الله پاڪ کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو ته محمد** صلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم **الله جا رسول آهن.** يا رسولَ الله صلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم! مان اوهان کان پڇي ڪيترن ئي شهرن ۾ ويس پوءِ مون سوچيو ته عجم جي ملڪن ڏانهن هليو وڃان، **پر پوءِ مون کي اوهان جي نرم دلي، صلهِ رحمي ۽ دشمنن کان درگذر ڪرڻ واري عادت ياد اچي وئي.** اي الله جا نبي! اسان مشرڪ هئاسين، الله پاڪ اوهان جي ذريعي اسان کي هدايت ڏني ۽ اسان کي هلاڪت کان نجات عطا فرمائي، اوهان منهنجي جهالت ۽ منهنجي انهن سيني ڪمن کان درگذر فرمايو، جن جي خبر اوهان تائين پهتي آهي. مان پنهنجن سمورن برن ڪمن جو اقرار ڪريان ٿو ۽ پنهنجن گناهن جو اعتراف ڪريان ٿو. رحيم ۽ ڪريم آقا صلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم ارشاد فرمايو:

قَدْ عَفَوْتُ عَنْكَ، وَقَدْ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ حَيْثُ هَدَاكَ اِلَى الْاِسْلَامِ، وَالْاِسْلَامُ يَجُبُّ مَا قَبْلَهٗ

ترجمو: مون توکي معاف ڪري ڇڏيو. الله پاڪ توتي احسان فرمايو آهي جو توکي اسلام جي هدايت عطا فرمائي ۽ اسلام اڳين سمورن گناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي.[1]

1 معرفة الصحابه لابی نعیم،رقم:3015،هبار بن اسود،جلد:4،صفحه:396، رقم:6620۔۔

اِلٰهي! منهنجي قوم کي هدايت عطا فرماءِ

غزوهءِ اُحُد ۾ جڏهن مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ ڏند شهيد ڪيا ويا ۽ سندن چهرهءِ انور کي زخمي ڪيو ويو، پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهن ماڻهن جي لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه فرمايو ته:

اَللّٰهُمَّ اهْدِ قَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ

ترجمو: اي الله پاڪ! منهنجي قوم کي هدايت عطا فرماءِ، ڇوته هِي مون کي نه ٿا سڃاڻن.[1]

اوهان مون کان ڪهڙي اميد رکو ٿا...؟

اهڙي طرح فتح مڪي جو اهو حسين لمحو به ياد ڪريو! سن 9 هجري آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صحابه ڪرام عليهم الرضوان سان گڏ فاتحانه شان سان مڪي پاڪ ۾ داخل ٿيا. غير مسلمن تي ان وقت خوف ۽ خاموشي ڇانيل هئي، سندن نڙيون خشڪ ٿي ويون هيون، ڪعبي شريف جي اڳڙ ۾ غير مسلمن جو وڏو اجتماع هو، سيئي موجود هئا.

الله! الله! ◈ انهن ۾ اهي ماڻهو به هئا، جيڪي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي پٿر وسائيندا هئا ◈ اهي به هئا، جيڪي گاريون ڏيندا هئا ◈ تڪليفون پهچائيندا هئا ◈ اهي به هئا جن جي ڪري پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي هِتان هجرت ڪري وڃڻو پيو هو ◈ اهي به هئا، جيڪي اسلام جي راهه ۾ رڪاوٽ هئا ◈ جيڪي صحابه ڪرام عليهم الرضوان کي تڪليفون پهچائيندا هئا ◈ اهي به هئا، جيڪي جاني دشمن هئا ◈ مسلمانن جي خلاف سازشون ڪندا هئا. ان وقت اهي سيئي ماڻهو خوف ۽ دهشت جي تصوير بڻيل هئا ۽ ڏڃي رهيا هئا ته نه ڄاڻ هاڻي اسان کان ڪيترو سخت انتقام ورتو ويندو. ان وقت رسولن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

1... كتاب الشفاء ،القسم الاول،الباب الثانی،ضرب الثالث،فصل فی الفرق بين الحلم والاحتمال...الخ، جز:1،صفحه:87ملخصاً۔

يَا اَهْلَ مَكَّةَ مَاذَا تَرَوْنَ اِنِّيْ فَاعِلٌ بِكُمْ

ترجمو: اي مڪي وارؤ! توهان جو ڇا خيال آهي، مان توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ وارو آهيان؟

اللّٰهُ اكبر! محبوب صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم جو شان ئي نرالو آهي! سامهون جاني دشمن آهن، غير مسلم آهن. هي مقدس جملو ٻڌي گذريل 22 سالن جا ظلم ۽ ستم جا واقعا سندن ذهنن تي تَرِي آيا هوندا. سوچي رهيا هوندا ته اسان ته هنن سان تمام گهٽا ظلم ڪيا آهن، پر ان جي باوجود:

تیرے دامن میں چھپے چور انوکھا تیرا

انهن جاني دشمنن جي ذهنن ۾ محبوب صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم جي اخلاق جي باري ۾ ڪهڙي راءِ هئي، ٻڌو! سيني مڪي وارن گڏجي هڪ آواز ٿي چيو:

خَيْرًا اَخٌ كَرِيْمٌ وَّابْنُ اَخٍ كَرِيْم

يعني اي محمد صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم! اسان اوهان جي طرفان پلائيءَ جي ئي اميد رکون ٿا. اوهان پاڻ ۾ مهربان آهيو ۽ مهربان ياءُ جا پٽ آهيو.

ان تي پياري آقا صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمايو: مان توهان کي اهو ئي چوندس جيڪو منهنجي ياءَ يوسف عَلَيْهِ السَّلَام(پنهنجي پائرن کي) چيو هو ته[1]:

لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ-يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ-وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ

(سپارو: 13، سورة يوسف: 92)

ترجمو كنزالعرفان: اڄ توهان تي ڪا ملامت نه آهي، اللّٰه توهان کي معاف ڪري ۽ اهو سمورن مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهي.

[1] سيرت حلبيه، باب ذكر مغازيه، فتح مكة، جلد:3، صفحه:141۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! هي آهي شانِ مصطفيٰ صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم...!! ڏسو! اسان جي آقا صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم وٽ اختيار هو، چاهين ها تہ سيني کي سزا ڏين ها، سيني کان انتقام ونن ها، پر پاڻ رحمتِ دوجهان صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم آهن. پاڻ صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم انتقام نہ ورتو، پر معاف ڪرڻ کي ترجيح ڏنائون.

مُعاف ڪرڻ واري کي وڏو اجر ملندو آهي

ڪاش! اسان بہ بدلو ونڻ بدران معاف ڪري ڇڏڻ جي عادت اختيار ڪريون. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ جَزٰٓؤُا سَیِّئَةٍ سَیِّئَةٌ مِّثْلُهَا ۚ - فَمَنْ عَفَا وَ اَصْلَحَ فَاَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ -اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الظّٰلِمِیْنَ (پارو: 25، سورة شوريٰ: 40)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ برائي جو بدلو ان جي برابر برائي آهي. پوءِ جنهن معاف ڪيو ۽ ڪم سنواريو تہ ان جو اجر الله تي آهي، بيشڪ هو ظالمن کي پسند ناهي ڪندو.

معلوم ٿيو تہ: قانون جي دائري ۾ رهي ڪنهن کان بدلو ونڻ جيتوڻيڪ جائز آهي، پر جيڪو معاف ڪري ۽ دل صاف ڪري ڇڏي، الله پاڪ ان کي اجرِ عظيم عطا فرمائيندو.

دل صاف ڪري ڇڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ تمام خوبصورت ڳالهہ آهي. الله پاڪ صرف ايترو نہ فرمايو تہ جنهن اوهان سان زيادتي ڪئي ۽ اوهان کي تڪليف پهچائي، فقط ان کي ئي معاف ڪري ڇڏيو، پر فرمايو ويو:

فَمَنْ عَفَا وَ اَصْلَحَ

(پارو: 25، سورة شوريٰ: 40)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جنهن معاف ڪيو ۽ ڪم سنواريو.

هي به ڳالهيون آهن: (1): جنهن معاف ڪري ڇڏيو (2): ۽ ڪم سنواريو. يعني هڪ ڳالهه ته اِها آهي ته اسان سامهون واري کي سزا نه ڏيون ۽ ان کان بدلو نه وٺون. ان کان پوءِ ٻيو مرحلو اهو آهي ته اسان ان سان اڳ جيان بلڪل صاف دل ٿي وجون، جهڙي طرح تڪليف پهچائڻ کان اڳ اسان جو ساڻس پيار ۽ محبت وارو انداز هو، تڪليف پهچائڻ کان پوءِ به ان سان ساڳيو ئي انداز برقرار رکون. اِها ئي اصلاح آهي تنهنڪري فرمايو ويو ته جنهن معاف به ڪري ڇڏيو ۽ ڪم به سنواري ڇڏيو، ان جي لاءِ اللہ پاڪ وٹِ اجر آهي.

بغض رکڻ ۾ گناهه آهي

افسوس! هاڻي اسان وٽ به عجيب معاملو پيدا ٿي ويو آهي. ماڻهو زبان سان ته معاف ڪري ڇڏيندا آهن، پر دل ۾ دشمني سانديِ رکندا آهن. اها تمام خطرناڪ ڳالهه آهي، ان کي ڪِينو چئبو آهي، يعني دل ۾ لڪيل دشمني. مثال طور: ◈ ڪنهن سان اڳ وانگر خوش مزاجيءَ سان پيش اچڻ لاءِ دل راضي نه ٿيندي آهي ◈ اڳ وانگر نرمي ۽ مهرباني ڪرڻ لاءِ دل مائل نه ٿيندي آهي ◈ان سان سلام ڪرڻ ۽ ملڻ جلڻ لاءِ دل نه چوندي آهي ◈ ان سان ڳالهائي ڪرڻ لاءِ دل نه چاهيندي آهي. اهي سڀ ڪِيني جا مثال آهن. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ چغل خوري ۽ ڪينو جهنم ۾ آهن، اِهي ٻئي شيون ڪنهن مسلمان جي دل ۾ گڏ نه ٿيون ٿي سگهن. (1)

معلوم ٿيو ته دل ۾ ڪينو رکڻ ۽ نفرت لڪائي رکڻ مسلمانن وارو وصف ناهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته جيڪڏهن ڪو اسان سان برائيءَ وارو سلوڪ ڪري ته صرف ايترو نه ڪريون جو ڪيس معاف ڪري ڇڏيون ۽ ان کان بدلو نه وٺون، بلڪ ان سان گڏوگڏ هي به ضروري آهي ته اسان پنهنجي دل به اُن لاءِ بلڪل صاف ڪري ڇڏيون.

1...معجم اوسط، جلد:3، صفحه:301، حديث:4653۔

آخر ڪيسيتائين برداشت ڪندا رهون...؟

پيارا اسلامي پائرو! اڇڪلهه جڏهن اسان وٽ حِلم (يعني بردباري) ۽ معاف ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي تہ ماڻهو چوندا آهن: توهان مون کي ئي صبر ڪرڻ لاءِ چئي رهيا آهيو، مون کي ئي معاف ڪرڻ لاءِ چئي رهيا آهيو، سامهون واري کي بہ تہ ڏسو...!! هُن مون سان هِي ڪيو، مون سان هُو ڪيو، مون کي هيتريون تڪليفون ڏنائين...!! آخرڪار ماڻهو صبر ڪري بہ تہ ڪيترو ڪري؟ ڪيسيتائين ڪري؟ ماڻهو برداشت ڪري بہ تہ ڪيترو ڪري؟

جيڪي ماڻهو اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن، انهن کان سوال آهي تہ: ◈ ڇا اوهان کي ڪنهن ڪوهه ۾ اڇلايو آهي؟ ◈ ڇا اوهان کي غلام بڻائي بازار ۾ وڪرو ڪيو ويو آهي؟ ◈ ڇا ڪنهن جي ڪري اوهان کي بيگناهه سالن جا سال جيل ۾ رهڻو پيو آهي؟ ◈ ڇا ڪنهن جي ڪري اوهان کي پنهنجي والدين کان 30 سالن تائين جدا رهڻو پيو آهي؟ الله پاڪ جي نبي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام سان اِهو سڀ ڪجهه ٿيو ◈ انهن کي ڪوهه ۾ بہ اڇلايو ويو ◈ پاڻ آقا هئا، پر ڪين غلام بڻائي وڪرو بہ ڪيو ويو ◈ پاڻ بيگناهه هوندي بہ جيل ۾ رهيا ◈ پنهنجي والد محترم سان شديد محبت هجڻ باوجود 30 سال انهن کان جدا بہ رهيا، ايترو سڀ ڪجهه ٿيڻ جي باوجود بہ آخر ۾ توهان کي خبر آهي تہ سندن زبان مبارڪ تي ڪهڙا الفاظ هئا؟ سندن پائر جڏهن شرمساريءَ وِچان انهن جي سامهون حاضر ٿيا تہ اهي ڏِجي رهيا هئا تہ خبر ناهي اڄ اسان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويندو. حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام نهايت اطمينان سان فرمايو:

لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ

(سپارو: 13، سورة يوسف: 92)

ترجموڪنزالعرفان: اڄ اوهان تي ڪا ملامت نہ آهي.

سُبْحٰنَ اللہ! معلوم ٿيو تہ ڪو ڪيتري بہ تڪليف پهچائي، ڪيتري بہ زيادتي ڪري، اسان جي حق ۾ بهتر اِهو آهي ۽ فضيلت بہ ان ۾ ئي آهي تہ اسان ان کي معاف ڪري ڇڏيون.

سپ اَبُو ضَمضم بٽجي وجو...!!

پيارا اسلامي پائرو! بيان جي آخر ۾ پياري محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللہُ عليہِ وَآلِہٖ وَسلَّم جي هڪ پياري نصيحت ٻڌو! هيءَ نصيحت منهنجي لاءِ بہ آهي، اوهان جي لاءِ بہ آهي، زيد، عَمرو، بڪر وغيره سيني جي لاءِ آهي. ٻنهي جهانن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صلَّى اللہُ عليہِ وَآلِہٖ وَسلَّم ارشاد فرمايو: ڇا توهان ابو ضمضم جيان نہ ٿا ٿي سگهو؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عنہم عرض ڪيو: ابو ضمضم ڪير آهي؟ پاڻ صلَّى اللہُ عليہِ وَآلِہٖ وَسلَّم فرمايائون: اوهان کان اڳين ماڻهن مان هڪ شخص هو، جڏهن صبح ٿيندو هو تہ هُو هينئن چوندو هو: **اي اللہ پاڪ! اڄوڪي ڏينهن مون پنهنجي عزت ان شخص تي صدقو ڪري ڇڏي (يعني ان کي معاف ڪري ڇڏيو) جيڪو مون تي ظلم ڪري.** [1]

ڪيڏي نہ پياري نصيحت آهي! اسان بہ پنهنجو اِهو معمول بڻائي ڇڏيون ◈ روزانو پنهنجي عزت، پنهنجو وقار، پنهنجي حيثيت جو رعب، پنهنجي عهدي ۽ منصب جي ڏاڪ وغيرهہ وغيرهہ، جهڙيون شيون جيڪي اسان کي بي صبري ۽ ڪاوڙ تي اُپارينديون آهن، انهن سيني کي قربان ڪري ڇڏيون ◈ روزانو هيءَ نيت ڪريون تہ يااللہ پاڪ! اڄ جيڪو بہ مون کي ستائيندو، مون ان کي اڳواٽ ئي معاف ڪري ڇڏيو ◈ اڄ جيڪو بہ مون تي آڳر ڪڍندو، مون ان کي معاف ڪري ڇڏيو ◈ جيڪو بہ اڄ مون کي طعنو ڏيندو، مون ان کي معاف ڪري ڇڏيو ◈ جيڪو بہ اڄ مون کي تڪليف پهچائيندو ◈ مون کي گهُورينديو ◈ مون کي گار ڏيندو ◈ مون تي چَٽرون ڪندو، اي اللہ پاڪ! تنهنجي رضا خاطر مون سيني کي اڳواٽ ئي معاف ڪري ڇڏيو.

1...شعب الايمان، باب:فی حسن الخلق، جلد:6، صفحہ:262، حدیث:8082۔

معاف ڪرڻ جي فضيلتن متعلق حديثون

◈ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمايو: طاقتور اُهو نه آهي جيڪو پهلوان هجي ۽ ٻئي کي دَسي ڪيرائي وِجهي، پر طاقتور اهو آهي جيڪو ڪاوڙ جي وقت پاڻ کي قابو ۾ رکي.[1] ◈ الله پاڪ جي آخري نبي صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمايو: جنهن کي هيءَ ڳالهه پسند هجي ته اُن جي لاءِ جنت ۾ محل تعمير ڪيو وجي ۽ سندس درجا بلند ڪيا وجن، ته ان کي گهرجي ته جيڪو مٿس ظلم ڪري هِي ان کي معاف ڪري ڇڏي، جيڪو کيس محروم ڪري، هِي ان کي عطا ڪري ۽ جيڪو کانئس تَعَلُّق ٽوڙي، هِي ان سان ناتو جوڙي.[2]

◈حضرت موسيٰ عليه السَّلام عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ! تنهنجي ٻانهن مان تنهنجي بارگاهه ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت وارو ڪير آهي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: اُهو ٻانهو جيڪو بدلو وٺڻ جي طاقت هئڻ باوجود معاف ڪري ڇڏي.[3] ◈هڪ حديث پاڪ ۾ آهي ته: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ مخلوق کي جمع فرمائيندو ۽ هي اعلان ڪيو ويندوته: فضيلت وارا ڪٿي آهن؟ ڪجهه ماڻهو اٿندا ۽ تڪڙا تڪڙا هلندا جنت ڏانهن روانا ٿي ويندا، جڏهن انهن جي ملاقات ملائڪن سان ٿيندي ته ملائڪ کين چوندا: اسان ڏسي رهيا آهيون ته اوهان تڪڙا تڪڙا جنت ڏانهن وجي رهيا آهيو، اوهان ڪير آهيو؟ اهي چوندا: اسان فضيلت وارا آهيون. ملائڪ چوندا: اوهان جي ڪهڙي فضيلت آهي؟ اهي چوندا: جڏهن اسان تي ظلم ڪيو ويو ته اسان صبر ڪيو، جڏهن اسان سان برائي ڪئي وئي ته اسان معاف ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن اسان سان جهالت وارو سلوڪ ڪيو ويو ته اسان برداشت کان ڪم ورتو.[4]

---

1 بخاری، کتاب الادب، باب الحذر من الغضب،صفحہ:1518،حدیث:6114۔

2… معجم اوسط، جلد:3، صفحہ:76، حدیث:2579۔

3… ابن حبان، کتاب التاریخ، ذکر سؤال کلیم اللہ...الخ، صفحہ:1652، حدیث:6217۔

4… موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب الحلم، جلد:2، صفحہ:51، حدیث:56۔

بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي پائرو! اڄ اسان وٽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي رنجشون پالڻ ۽ سِرَ جو جواب پٿر سان ڏيڻ جو ذهن بڻجي چڪو آهي. حالانڪ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سڄي حياتي پنهنجي ذات لاءِ ڪڏهن به انتقام نه ورتو، بلڪ فتح مڪ جي موقعي تي اهلِ مڪ ۽ پنهنجي ڏيءَ کي تڪليف پهچائيندڙ تائين کي به ڪليل دل سان معاف فرمائي، عفو و درگذر جا اعليٰ ترين مثال قائم فرمايا. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته معافي ۽ درگذر کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻايون. الله پاڪ اسان کي ان جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! اسان کي صبر، حِلْم ۽ برداشت جي نعمت نصيب ٿي وڃي .الله پاڪ اسان کي به ان توفيق عطا فرمائي. ڪاش! اسان کي صبر، حلم ۽ برداشت جي نعمت نصيب ٿي وڃي.اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تُو عطا حِلم کی بھیک کر دے	میرے اَخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے	یا خُدا! تجھ سے میری دُعا ہے [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: تفسير بڏڻ ۽ بڏائڻ جو حلقو

پيارا اسلامي پائرو! دل ۾ عشقِ رسول وڌائڻ، سنتن تي عمل ڪرڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ، صحابه ۽ اهلِ بيت جي محبت حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ به خوب زور شور سان حصو ونو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا

1...وسائل بخشش، صفحه:138۔

جون بيشمار برڪتون نصيب ٿيندیون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **تفسير پڙهڻ ۽ پڌائڻ جو حلقو** ۾ آهي.

◈قرآن مجيد سکڻ تمام فضيلت وارو ڪم آهي: ◈ حديثن ۾ هن طرح جو مضمون آهي ته صبح ان حالت ۾ ڪريو جو يا ته توهان عالم هجو يا طالبِ علمِ دين هجو. [1] ◈ هڪ روايت جي مطابق صبح جي وقت قرآن مجيد جي هڪ آيت سکڻ 100رڪعتون نفل پڙهڻ کان بهتر آهي. [2]

◈الحمدلله! دعوتِ اسلامي سان وابسته عاشقانِ رسول نمازِ فجر کان پوءِ تفسير پڙهڻ ۽ پڌائڻ جو حلقو لڳائيندا آهن ◈ هِن حلقي ۾ قرآن پاڪ جون ٽي آيتون ◈ انهن جو ترجمو ۽ تفسير پڙهو ۽ پڌايو ويندو آهي ◈ فيضانِ سنت مان درس ڏنو ويندو آهي◈ شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي ◈ دعا ٿيندي آهي ۽ ◈ آخر ۾ اشراق ۽ چاشت جا نفل پڙهڻ ادا ڪيا ويندا آهن.

◈توهان به تفسير پڙهڻ ۽ پڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪرڻ جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿيندیون ◈ **حديث پاڪ** جي مطابق جيڪو صبح جي وقت مسجد ۾ نيڪي سکڻ لاءِ ويندو آهي، ان کي عمري جو ثواب ملندو آهي. [3] ◈ صبح جو وقت نيڪين ۾ گذرندو ته برڪت نصيب ٿيندي ◈ سڄو ڏينهن سٺو گذرندو ◈صبح صبح علمِ دين سکڻ جو موقعو نصيب ٿيندو◈ شجري شريف جي صورت ۾ نيڪ بانهن جو ذڪر ٿيندو ◈ انهن جي محبت دل ۾ پيدا ٿيندي ◈ اولياءِ ڪرام جي روحاني توجهه نصيب ٿيندي ◈ ايمان تازو ٿيندو◈ انهن جي وسيلي سان گهريل دعائون اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! قبول ٿيندیون ◈ هڪ وڏي برڪت هيءَ ته نمازِ فجر کان نمازِ اشراق تائين مسجد ۾ ترسڻ سنتِ مصطفيٰ آهي، تي عمل ڪرڻ

1... دارمی، صفحہ:96، حدیث:254۔

2... ابن ماجہ، صفحہ:48، حدیث:219بتغیر قلیل۔

3... مستدرک، جلد:1، صفحہ:281، حدیث:317 ۔

جي سعادت ملي ويندي ◈ حديث پاڪ مطابق جيڪو نمازِ فجر کان پوءِ ذڪرِ الٰهي ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق ۽ چاشت جا نفل پڙهي، ان کي دوزخ جي باهه نه ڇُهندي. (1)

ويزائون ملي ويون

اچو ته اوهان کي ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو. جيئن ته هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14 سالن کان ٻاهرين ملڪ ۾ رهندڙ آهي، جتي هن جو ذاتي ڪاروبار آهي. هڪ ڀيري انهن کي پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن جي ضرورت پئي. هنن ويزائون حاصل ڪرڻ لاءِ بار بار درخواستون جمع ڪرايون، پر ڪيترين ئي ڪوششن جي باوجود کين ويزائون نه ملي سگهيون. ڪيترائي سال ائين گذري ويا. هو تمام گهڻو پريشان هئا، چوته ملازمن جي نه هئڻ سبب کين نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو هو. آخرڪار هنن همت ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ انهن کي شجرهءِ قادريه عطاريه مان شجرهءِ عاليه جا دعائيه اشعار پڙهڻ جو مشورو ڏنو. هنن روزانو شجري شريف مان دعائيه اشعار پڙهڻ شروع ڪري ڏنا. الحمدلله! شجرهءِ قادريه رضويه ضيائيه عطاريه پڙهڻ جي برڪت سان سندن اهو ڪم، جيڪو ڪيترن ئي سالن کان نه ٿي رهيو هو، حيرت انگيز طور تي ڪجهه ئي ڏينهن ۾ ٿي ويو ۽ کين ويزائون ملي ويون

مُشکلیں حل کر شہِ مُشکل کُشا کے واسطے | کربلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے

خوفِ خدا سبب روئڻ جي حلاوت

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته هو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستگيءَ کان پهريان فلمون ۽ دراما ڏسڻ جو بيحد شوقين هو، ۽ گناهن ۾

1... شعب الايمان، جلد:3، صفحه:420، حديث:3957 بتغير قليل۔

ايتري قدر ٻڌل هو جو کين پنهنجي زندگيءَ جي قيمتي لمحن جي برباد ٿيڻ جو احساس به نه هو.

سنڌن ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ جي صورت ڪجهه هن ريت بڻي جو سنڌن علائقي جي مسجد ۾ هڪ اسلامي ياءُ "فيضانِ سنت" جو درس ڏيندو هو. هڪ ڏينهن کين به درس ٻڌڻ جي سعادت ملي؛ درس ٻڌائون ته کين ڏاڍو وٺيو، علم جون گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌڻ جو موقعو مليو ۽ فڪرِ آخرت تي مشتمل ڳالهيون ٻڌي دل جي ڪيفيت ئي بدلجي وئي. اهڙيءَ طرح روزانو درس ۾ شرڪت ڪرڻ سنڌن معمول بڻجي ويو ۽ دعوتِ اسلامي جي نيڪين پري ديني ماحول سان وابسته عاشقانِ رسول سان ملاقات به رهڻ لڳي. اسلامي ڀائرن جي نيڪيءَ جي دعوت ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ هڪ پيرo کين هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جو موقعو مليو, تلاوت و نعت، سنتن پري بيان ۽ ذڪر سنڌن دل و دماغ تي تمام گهڻو اثر ڪيو، اجتماعي دعا ۾ گذريل گناهن کان توبه ڪيائون ۽ ايندڙ زندگي سنتن مطابق گذارڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مَعْرِفَةُ الْقُرْآن موبائل ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ نهايت پياري موبائل ايپليڪيشن، مَعْرِفَةُ الْقُرْآن جي نالي سان جاري ڪئي آهي. توهان هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي ◈ قرآن پاڪ جو لفظي ۽ بامحاوره ترجمو پڙهي سگهو ٿا ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ آيتن جا عنوان پڻ ڏنا ويا آهن، جن جي مدد سان پنهنجي موضوع مطابق قرآني آيتون ڏسي ۽ ڳولي سگهجن ٿيون. خاص طور تي مبلغ اسلامي ڀائر هن آپشن مان تمام گهڻو فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا ◈ ايپلي ڪيشن ۾ سرچ جو آپشن

بہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان آيتون ڳولڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ◈ موضوعن کي پن پوائنٽ ڪرڻ جو آپشن پڻ موجود آهي. اوهان بہ هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

ڪجهه ضروري اعلانات

◈ هر جنجر تي اميرِ اهلِ سنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن. ايندڙ جنجر تي بہ عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي تقريباً رات جو **8** بجي اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سڀئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين ◈ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهلِ سنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **نجات ڈيارڻ واريون ڳالهيون** (منهاجُ العابدِين قسط: 3) رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا، مثال طور واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو! ◈ مڪتبة المدينہ، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي حالاتِ زندگيءَ تي مشتمل هڪ نهايت شاندار ڪتاب **اميرِ اهلِ سنت جي ڪهاڻي**، **انهن جي زباني** جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ◈ آباء و اجداد ◈ سندن ننڍپڻ جون يادون ۽ جواني جا ڏينهن ◈ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو شوق ◈ دعوتِ اسلامي کان اڳ جون

ديني سرگرميون ◈ ازدواجي زندگي ۽ اولاد ◈ سندن عادتون ۽ معمولات ◈ ۽ دعوتِ اسلامي جي باري ۾ گھٹو ڪجھ بيان ڪيو ويو آھي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنھن بہ شاخ تان **1000 رپين** ۾ خريد ڪريو، پاڻ بہ ان جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ پڑھڻ جي ترغيب ڏيارِيو.

نوٽ: پنھنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب ۽ خوشيءَ جي موقعن تي مڪتبة المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو اسٽال لڳرائڻ لاءِ ھن نمبر تي رابطو ڪريو.

0313-1139278

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي پائرو! بيان کي اختتام ڈانھن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رھيو آھيان. تاجدارِ رسالت، شھنشاھِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنھن منھنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي، اھو جنت ۾ مون سان گڏ ھوندو. (1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

سومر ۽ خميس جو روزو رکڻ سنتِ مصطفيٰ آھي!

پيارا اسلامي پائرو! سومر ۽ خميس جو روزو رکڻ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آھي. مسلمانن جي پياري امي جان حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عنها فرمائن ٿيون: منھنجا سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سومر ۽ خميس جي ڏينھن اھتمام سان روزو رکندا ھئا. (2)

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2... ترمذی ،کتاب الصوم ، باب ماجاء فی صوم یوم الاثنین ...الخ،صفحہ: 208، حدیث:746۔

اسان کي به گهرجي ۽ جيڪڏهن صحت اجازت ڏئي ته سومر ۽ خميس جي ڏينهن اهتمام سان روزو رکون. اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! سنت تي عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ بيشمار برڪتون به نصيب ٿيندیون. پر ياد رکو! ◈ جيڪڏهن نفلي روزا رکڻ سبب ڪم ڪار ۾ سُستي پيدا ٿئي ته روزو رکڻ جي اجازت نه آهي ◈ جتي به نفلي روزو رکڻ سبب ڪنهن افضل ڪم ۾ رندڪ پيدا ٿيندي هجي ته اتي روزو نه رکجي (مثال طور جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي ذميواري اهڙي نوعيت جي آهي، جنهن ۾ عوام سان اڪثر واسطو پوندو آهي ۽ روزو رکڻ سبب سندس مزاج ۾ ڪاوڙ ۽ سختي پيدا ٿي ويندي آهي ته جيتوڻيڪ سندس ڪم پورو ٿي ويندو هجي، پر ماڻهن سان بداخلاقي ڪان بچڻ نفلي روزن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ضروري آهي) ◈ جيڪڏهن ماءُ پيءُ پنهنجي پٽ کي بيماريءَ جي انديشي سبب نفلي روزو رکڻ کان منع ڪن ته والدين جي اطاعت ڪئي وڃي ◈ مڙس جي اجازت کان سواءِ زال نفلي روزو نه ٿي رکي سگهي.[1]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ به آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...اعرابی کے سوالات،صفحہ110، 111 ملتقطاً

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

(1) جمعي جي رات جو دُرود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا ڪوليا ويندا آهن.[1]

﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ پيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277
2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149
3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

(6) دُرود شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

(2) جڏ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڏ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3... ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455